# مُفصل سنڌي لغت

## جلد چوٿون

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

# مُفصل سنڌي لغت

## جلد چوٿون

(ٿ-ٺ-پ-ج-ڄ-جھ-ڃ)


چيف ايڊيٽر

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2018ع

# مُفصل سنڌي لغت

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل جامع سنڌي لغات تي آڌاريل ڇاپو)

جلد چوٿون

## (ٽ-ٿ-پ-ج-ڄ-جهہ-ڃ)

چيف ايڊيٽر

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ**

نظرثاني:

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

لغت ساز

**سيد شير شاهہ بخاري**


**ايڊيٽوريل بورڊ**

* ڊاڪٽر غلام علي الانا
* ڊاڪٽر آفتاب ابڙو
* پروفيسر نور احمد جنجهي
* غلام حسين رنگريز
* ڊاڪٽر اسلم سنڌيلو

**سنڌي ڊڪشنري بورڊ جو تحقيقي عملو**

* حافظ غلام سرور برڙو (ريسرچ آفيسر)
* ضراب حيدر (ريسرچ آفيسر)
* عبدالله 'ناصر' قاضي (ريسرچ اسسٽنٽ)
* راز محمد لغاري (ڪمپيوٽر آپريٽر)



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2018ع

# ارپنا

مفصل سنڌي لغت جو هي چوٿون جلد سنڌي ٻوليءَ جي لغت نويسن:

**فادر جي. شرٽ**

**اوڌا رام ٿانورداس**

**۽**

**مرزا صادق علي بيگ**

کي ارپي رهيا آهيون، جن صاحبن 19 هين صديءَ جي آخر ۾ سنڌي- انگريزي لغت تيار ڪئي هئي، جيڪا 1879ع ۾ سرڪاري طور ڇپرائي وئي. سندن اها خدمت هميشہ ياد رکي ويندي.

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ**

# ناشر پاران

هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ جن اهم رٿائن تي ڪم هلي رهيو آهي، انهن ۾ 'سنڌي ڊڪشنري بورڊ' جون مختلف رٿائون تمام اهم آهن. سنڌ جي تاريخ ۾ هي پهريون ڀيرو آهي، جو هڪ ئي وقت مختلف لغتن تي ڪم ٿي رهيو آهي. نه صرف ايترو ته اهي لغتون تڪڙيون تيار ٿي رهيون آهن، پر انهن جا فني پهلو به علمي لحاظ کان پرکي پوءِ لغتن کي مڪمل ڪيو پيو وڃي.

سنڌي ڊڪشنري بورڊ ۾ جن مختلف لغتن تي ڪم ٿي رهيو آهي، انهن مان 'مفصل سنڌي لغت' اوليت ۾ شمار آهي. هن لغت کي مختلف جلدن ۾ تيار ٿيڻو آهي ۽ هن وقت تائين هن جا ٽي جلد تيار ڪري ڇپرايا ويا آهن. هي جلد جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، سو چوٿون آهي، جنهن ۾ 'ٺ، ٽ، ٿ، پ، ج، ڄ، جھ ۽ ڃ' جا لفظ ۽ اصطلاح ڏنل آهن. توڙي جو لغت سازي هڪ ڏکيو ڪم آهي، پر ان هوندي به مڪمل ڪوشش ڪئي وئي آهي ته لغت نويسيءَ جو بين الاقوامي معيار برقرار رکيو وڃي.

لغت نويسيءَ جي حوالي سان لفظن کي ڇنڊڻ ڇاڻڻ، بڻ بنياد جانچي ڪم ڪرڻو پوي ٿو. سنڌي لغت نويسي ۾ اهڙن فردن جو ڪو تعداد گهڻو نه آهي، جيڪي اهو ڪم ڪري سگهن. ان ڪري سڄي سنڌ مان چونڊ لغت نويسن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن هن لغت تي ڪم ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان ۽ آءٌ پاڻ چيئرمين جي حيثيت ۾ انهن سڀني صاحبن جو ٿورائتو آهيان، خاص ڪري ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي، محترم غلام حسين رنگريز، محترم نور احمد جنجهي ۽ ڊاڪٽر اسلم سنڌيلي جو جن هن لغت جي صحت تي اهم ڪم ڪيو آهي.

اسان جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان اهڙو مواد تيار ٿئي، جيڪو اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ ڪارائتو هجي. ٻوليءَ جي بقا جو ضامن هجي ۽ جدت سان ٺهڪندڙ هجي ۽ وڏي ڳالهه ته انهيءَ جو علمي ۽ ادبي حلقن ۾ به ڪارج هجي. اسان کي اميد آهي ته هن سلسلي ۾ جيڪڏهن ڪي سڄاڻ فرد اهڙا لفظ ۽ اصطلاح جيڪي هن جلد ۾ اچڻ کان رهجي ويا هجن، اهي لکي موڪليندا ته اُهي ايندڙ ڇاپن ۾ شامل ڪري سگهبا. اها ٻولي لاءِ سندن خدمت ليکبي.

07 فيبروري 2018ع
حيدرآباد، سنڌ

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمين

# لغت جي پڙهندڙن لاءِ رهنمائي

مفصل سنڌي لغت ۾ ’الف – ب‘ جي پٺيءَ جا اکر، ’جامع سنڌي لغات‘ واري ترتيب سان هن ريت رکيا ويا آهن.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ٻ | ڀ | ت | ٿ | ٽ | ٺ |
| ث | پ | ج | ڄ | جھ | ڃ | چ | ڇ |
| ح | خ | د | ڌ | ڏ | ڊ | ڍ | ذ |
| ر | ڙ | ز | س | ش | ص | ض | ط |
| ظ | ع | غ | ف | ڦ | ق | ڪ | ک |
| گ | ڳ | گھ | ڱ | ل | م | ن | ڻ |
| و | ھ | ء | ي | | | | |

- پهرئين جلد ۾ عربي، اردو ۽ سنڌي لغت جي اصول موجب ابتدا ۾ ’آ‘ رکيو ويو ۽ ان کان پوءِ **’ا‘ (الف)** سان شروع ٿيندڙ لفظ ڏنا ويا.

- هر بنيادي لفظ لاءِ (●) نشاني ڏني وئي. لفظن جي وياڪرڻي جوڙجڪ ’جامع سنڌي لغات‘ کان وڌيڪ واضح ۽ جامع رکي وئي آهي. بنيادي لفظ کان پوءِ اُن مان نڪرندڙ/ڦٽندڙ لفظن کي (ـ) نشانيءَ سان رکيو ويو آهي.

ـ لفظن جي وياڪرڻي صورت ظاهر ڪرڻ لاءِ هيٺينءَ ريت ’لفظي مخفف‘ ڏنا ويا آهن:

## وياڪرڻي مخفف

اسم تصغير **(ا – تصغير)**، اسم حاليه **(ا – حاليه)**، اسم خاص **(ا – خاص)**، اسم عام **(ا – عام)**، اسم فاعل **(ا ـ فاعل)**، اسم مصدر **(ا – مص)**، اسم مفعول **(ا – مفعول)**، حالت جري **(ح – ج)**، حالت فاعلي **(ح – ف)**، حالت مفعولي **(ح – م)**، حرف جر **(ح – جر)**، حرف جملو **(ح – جملو)**، حرف ندا **(ح – ندا)**، صفت **(صفت)**، فعل **(فعل)**، فعل لازمي **(فعل لازمي)**، فعل متعدي **(فعل متعدي)**، فعل متعدي بالواسط **(فعل متعدي بالواسط)**، فعل مجهول **(فعل مجهول)**، مذڪر **(مذ)**، مؤنث **(مث)**، واحد **(و)**، جمع **(ج)**.

- ’مفصل سنڌي لغت‘ ۾ مختلف ٻولين ۽ لهجن جون نشانيون هيٺينءَ ريت ظاهر ڪيون ويون آهن.

اترادي لهجو **(ات)**، اپڀرنس **(اپ)**، انگريزي **(انگ)**، براهوي/بروهڪي **(بر)**، بلوچي **(ب)**، ترڪي **(تر)**، ترڪي **(ٽ)**، پراڪرت **(پرا)**، پشتو **(پش)**، پنجابي **(پنج)**، جتڪي لهجو **(جت)**، جپاني **(جپ)**، چيني **(چ)**، روسي/رشين **(رش)**، سرائيڪي **(سرا)**، سنڌي **(س)**، سنسڪرت **(سن)**، عربي **(ع)**، فارسي **(ف)**، قديم سنڌي **(ق ـ س)**، ڪڇي **(ڪ)**، ڪوهستاني لهجو **(ڪوهـ)**، گجراتي **(گ)**، لاڙي **(س.ل)**، لاسي **(لس)**، مارواڙي **(ما)**، هندڪو **(هـ)**، هندي **(هند)**، يوناني **(يو)**.

**(ادارو)**

# ث

• **ث:** [ا - مث] سنڌي الف - ب جو ٽائون، اُردو حروفِ تهجيءَ جو ڇهون، عربيءَ جو چوٿون ۽ فارسيءَ جو پنجون اکر
٭ ابجد موجب عدد (500)
٭ [ع]

• **ثابِت:** [صفت] برقرار، محڪم، مضبوط
٭ صحيح، سلامت
'ثابت لنگهيا سيِن لهرن لوڏيا ڪينڪي' (شاهه/سريراڳ)
٭ سچو، سارو، پورو
٭ تصديق، پڪ
٭ [ع: ثبت = قائم رهيو]

– **ثابِتُ ٿيڻ:** [اصطلاح] مضبوط ٿيڻ
٭ سچو ٿيڻ
٭ ثبوت ملي وڃڻ، تصديق ملي وڃڻ
٭ پڪو ٿيڻ (دليل، الزام، ڏوهه)

– **ثابِتُ قَدَم:** [صفت] هڪ ڳالهه تي بيهندڙ، ارادي جو پڪو، مستقل مزاج، مضبوط

– **ثابِت قَدمِي:** [ا - مث] مضبوطي، بيهڪ، اِستقلال، استقامت، پختائي

– **ثابِتُ ڪرڻ:** [اصطلاح] سچو ڪرڻ، تصديق ڪرڻ
٭ دليل سان ظاهر ڪرڻ
٭ چِٽو ڪرڻ (الزام)

– **ثابِتِي ج ثابِتِيُون:** [ا - مث] مضبوطي
٭ تصديق، پختگي (الزام يا دليل جي)
٭ گواهي، شاهدي، ساک
٭ نشان، اُهڃاڻ، سگ، پڪي نشاني

• **ثابُوت:** [صفت] ثابت ('ثابت' جي بگڙيل صورت)
'آڻيو ڏٺي آڻ ۾، سنيها ثابوت' (شاهه/پورب)

'سندرو ثابوت، منزل آسان' (چوڻي)

– **ثابُوتِي ج ثابُوتِيُون:** [ا - مث] مضبوطي
٭ تصديق، پختگي (الزام يا دليل جي)
٭ گواهي، شاهدي، ساک
'هَٿِ ثابوتيءَ ساڻ، تہ پَسڻ ڪاڻ پالهو رهين' (شاهه/آسا)

• **ثار:** [ا - مذ] خون جو بدلو، مقتول جو انتقام
٭ [ع]

• **ثاقِبُ ج ثَواقِبُ:** [صفت] چمڪندڙ، روشن، منور (تارو جيڪو 'شهابِ ثاقب' سان بہ مشهور آهي)
٭ [ع: ثقب = چمڪيو]

• **ثالبُ:** [ا - مث] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ بوٽيءَ جو نالو (مصر ۾ گهڻي ٿئي ان ڪري ان کي 'ثعلب مصري' چئبو آهي)
٭ [ع: ثعلب]

• **ثالِثُ:** [ا - مذ] ٽيون (عدد قطاري يا شماري)
٭ [ع]
٭ ٽياڪڙ، امين، وچوٿو

– **ثالِثُ بِالخير:** [ا - مذ] بي ريا امين، فيصلي ۾ رعايت نہ ڪندڙ امين، ٻنهي ڌرين جو خير چاهيندڙ ٽياڪڙ

– **ثالِثُ حَصرِي:** [ا - مذ] اهو امين، جنهن تي ٻنهي ڌرين جو ڀروسو هجي ۽ ان جي فيصلي تي مقدمي جو مدار هجي

– **ثالِث نامو:** [ا - مذ] اهو ڪاغذ، جنهن موجب لِکتِ ۾ ٻنهي ڌرين ڪنهن کي امين ڪرڻ جو اقرار ڪيو ويو هجي

– **ثالِثِي:** [ا - مث] ٻن ڌرين جي وچ ۾ فيصلي جي ٽياڪرائي، صلح
٭ امانت

• **ثالُوث:** [ا - مذ] تَثليثَ، عِيسائين جي مذهبي اعتقاد موجب 'الاهيت' کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائڻ جو عقيدو. [عيسائي 'الاهيت' کي 1. پيءُ (خدا)، 2. پٽ (حضرت عيسيٰ) ۽ 3. روح القدس (جبريل) جو مجموعو سمجهن]
٭ [ع]

• **ثانَوِي:** [صفت] ٻيو، ٻئي درجي وارو
٭ اول درجي کان گهٽ حيثيت وارو
٭ [ع: ثني = ٻيڻو ڪيائين، ورڏنائين]
٭ [ا - مذ] ٻيو ڏاڪو، ابتدائي ڏاڪي کان ٻيو مٿيون ڏاڪو
٭ ٻيو نمبر حيثيت

– **ثانَوِي تَعلِيم:** [ا - مث] ٻي سطح يا سيڪنڊري ليول جي تعليم (جنهن کي عربي زبان ۾ 'المدرسة الثانوية' چيو ويندو آهي)، موجوده تعليم نظام موجب هاءِ اسڪول جي تعليم

• **ثانِي:** [صفت] ٻيو
٭ جهڙو، مثل، همسر، مقابل، جوڙ، مٽ
٭ ٽلهه يا مصرع جي ٻي سٽ
٭ [ع: ثني - ٻيڻو ڪرڻ]

– **ثانِي شرِيڪ:** [صفت] جوڙ جيس. برابريءَ وارو (حيثيت ۾)
⁂ شاديءَ غميءَ ۾ شريڪ ٿيندڙ

• **ثانِيہ:** [ا - مذ] سيڪنڊ. دقيقو. لحظو. پل. پلڪ. اک ڇنڀ

• **ثَباتُ:** [ا - مذ] پائداري. ڄمَاءُ. مضبوطي. قرار. بيهڪ
⁂ [ع: ثبت = قائم رهيو]

– **ثَبات راءِ:** [ا - مث] پڪي راءِ
⁂ پڪو ارادو

• **ثَبتُ:** [صفت] قائم. پڪو. پختو
⁂ لکيل
⁂ مهر ٿيل. نقش ٿيل
⁂ [ع: ثبت = پڪو ٿيڻ]

– **ثَبتُ ڪرڻ:** [اصطلاح] هڻڻ (مهر). نقش ڪرڻ
⁂ قائم ڪرڻ (يادگار)

• **ثُبُوتُ ج ثُبُوت:** [ا - مذ] قيام. پائداري. هميشگي
⁂ مقرري
⁂ ثابتي نشان
⁂ شاهدي. گواهي. دليل
⁂ [ع: ثابت جو جمع]

– **ثُبُوتِ اِستِحقاق:** [ا - مذ] حقدار هجڻ جو ثبوت. پنهنجي حق جي ثابتي

– **ثُبُوتِ ترديدِي:** [ا - مذ] اهو ثبوت. جيڪو ٻئي جي بيان جي رَدَ ۾ ڏنو ويو هجي

– **ثُبُوتُ ضِمنِي:** [ا - مذ] ڪنهن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ اشاري يا ڪِنايہ طور پيش ڪيل ثابتي (دليل، شاهدي يا نشاني)

– **ثُبُوتُ قانونِي:** [ا - مذ] قانوني ثابتي. قانون مطابق پڪي پختي ثابتي

– **ثُبُوت لِسانِي:** [ا - مذ] زباني ثابتي. لفظن ذريعي ڏنل شاهدي
⁂ [لساني - زباني]

– **ثُبُوتِي:** [ا - مذ] ثابت. قائم
⁂ پڪو پختو دليل
⁂ [ع]

• **ثُبُور:** [ا - مذ] هلاڪت. نقصان. بربادي
⁂ سڪرات جي وقت زبان ٻاهر نڪرڻ جي حالت
⁂ [ع]

• **ثَروَت:** [ا - مث] مال جي گهڻائي. دولت. تونگري. شاهوڪاري. آسودگي
⁂ [ع: ثرآ = دولت وڌڻ]

• **ثَرِي:** [ا - مث] زمين جي هيٺان واري مٽي (جيئن: تحت الثريٰ)
⁂ آلي مٽي
⁂ آلاڻ
⁂ [ع]

• **ثُريا:** [ا - مث] ڪَتيون (تارن جو مشهور ميڙ)
⁂ هڪ نکٽ جو نالو
'ثريا سان، قمر سان، شمس سان، شيشي سان، اختر سان' (دادن فقير)
⁂ تمام اوچي منزل
⁂ [ا - خاص] عورت جو نالو
⁂ [ع]

• **ثَقافَتَ:** [ا - مث] تهذيب. تمدن. Culture

– **ثَقافَتَ کاتو:** [ا -خاص] ثقافت تي ڪم ڪندڙ حڪومتي کاتو. ثقافتي شين ۽ اُهڃاڻن کي اُجاگر ڪندڙ کاتو. ثقافت واري وزارت. Culture Department

• **ثِقالُ:** [ا - مث] ٿلهي عورتَ
⁂ [ع: ثقل = ڳرو ٿيڻ]

• **ثَقالَتَ:** [ا - مث] ڳراڻ. ڳوراڻي. ڀار
⁂ خمار
⁂ بدهضمي
⁂ [ع]

• **ثِقاهَتَ:** [ا - مث] سنجيدگي. بُردباري
⁂ [ع]

• **ثَقرَب:** [صفت] چمڪندڙ. روشن
⁂ [ع]

• **ثَقَلُ:** [ا - مذ] ڀار. وزن. ڳوراڻ
⁂ ڪشش ثقل (زمين جي مرڪز جي ڇڪ)
⁂ [ع]

• **ثِقَه:** [صفت] معتبر. ڀروسي جهڙو. اعتماد رکڻ جهڙو. جنهن تي پورو ڀروسو ڪجي
⁂ [ع: وثق - اعتماد هئڻ]

* [مضارع] پاڙيان(ج) پاڙيون، پاڙين(ج) پاڙيو، پاڙي(ج) پاڙين
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]
* [حال] پاڙي ٿو(ج) پاڙين ٿا
* [حال مث] پاڙي ٿي (ج) پاڙين ٿيون
* [ماضي] پاڙيو(ج) پاڙيا
* [ماضي مث] پاڙي (ج) پاڙيون
* [مستقبل] پاڙيندو(ج) پاڙيندا
* [مستقبل مث] پاڙيندي (ج) پاڙينديون
* [اسم مفعول] پاڙيل

● **پاڙَ ج پاڙُون:** [ا - مث] جَڙَ، بيخَ، پيڙهه، بُنياد، لاهه
* ڪنهن به نباتات جو زمين ۾ پکڙيل، تاندورن وارو حصو (وڻ يا ٻوٽي کي مضبوط جهلي ۽ پاڻي ڇهي وڻ کي رسائي)

'ڳُوڙهَ پاڙُون پاتا ڙ ۾، پوڙ ۾ پري آڪاس' (شاهه / ڪارايل)

– **پاڙان / پاڙؤن:** [ظرف، حالت اپادان] پاڙَ کان، پاڙَ وٽان، بنياد کان، جَڙَ کان

– **پاڙَپٽُ ج پاڙَپٽُ:** [صفت] پاڙَ پٽيندڙ، جَڙَ اُکيڙيندڙ، برباد ڪندڙ، ناس ڪندڙ، ويري، دشمن

– **پاڙَ پٽِڻُ:** [اصطلاح] برباد ڪرڻ، جڙ ڪڍڻ، بنياد اکوڙڻ، ناس ڪرڻ

– **پاڙَ پيڙهيءَ وارو هُجَڻ:** [اصطلاح] بنيادي وڏو ماڻهو هجڻ، خانداني نسل مان هجڻ
* هلنديءِ پڄنديءِ وارو هجڻ

– **پاڙَ سائي ٿيڻ:** [اصطلاح] سرسبز ٿيڻ، آباد ٿيڻ، خوش ٿيڻ، ڦِٽَل شئي جو بيهر اُسرڻ
* [ڪنايه] تباهه ٿيڻ، ناس ٿيڻ

'شل ڪا پاڙ سائي ٿئيس' (ٻاراڻي جو جملو)

– **پاڙُون پٽي ڪڍڻ:** [اصطلاح] بنياد کان ناس ڪرڻ، صفا برباد ڪري ڇڏڻ

● **پاڙِڇُ / پاڙِڇو ج پاڙِڇَ / پاڙِڇا:** [ا - مذ] نارِ يا هَرلي جو هڪ عضوو (ڪاٺ يا لوهه مان ٺهيل هٿ کن ڊگهو ۽ فوٽ کن ويڪرو نارجنهن ۾ لوٽڻ مان پاڻي ڪري ۽ اتان وڃي نيسر ۾ پوي)، لوهه جو پترو، پڙڇ

– **پاڙِڇو تِي پَوڻ:** [اصطلاح] ٻي جِس تي پوڻ، ڏاڍو ٽڪجي پوڻ، ڦان، ٿي پوڻ

● **پاڙِ دَنگ:** [ا - مذ] ٻلاڻ جو هڪ رسيءِ، جو ٽنڪر (جيڪو ڪرٽي ۾ ٻڌبو آهي)

● **پاڙو ج پاڙا:** [ا - مذ] ڳوٺَ يا شهر جو ڀاڱو، محلو، ويڙهو، پڙوس، آس پاس وارا گهر، ويجهڙائي (گهر جي)

'پاڙي ناهي پوڙ، د راتِ رنجائي گنڍي' (شاهه)

–

'پاڙو نبين کي ٻه پيارو هوندو آهي' (چوڻي)

– **پاڙائِتو ج پاڙائِتا:** [صفت - مذ] پاڙي جو، پاڙي وارو
* ٻٺائتو، وڏَ گهراڻو

– **پاڙو رَکڻ:** [اصطلاح] پاڙي جي حفاظت ڪرڻ
* پاڙي جو ننگ رکڻ، پاڙي جي حفاظت ڪرڻ، پاڙي جو لحاظ رکڻ

– **پاڙوسُ ج پاڙوسَ:** [ا -مذ] پاڙو، پڙوس. ڳوٺَ يا شهر جو ڀاڱو، محلو، ويڙهو، آس پاس وارا گهر، ويجهڙائي (گهر جي)

– **پاڙوسِي ج پاڙوسِي:** [صفت] پاڙي جو رهاڪو، پاڙيسري

– **پاڙي پنڌُ:** [ظرف] هرهنڌ، جِتي ڪِٿي
* گَسِ پَنڌِ، دِگ پنڌ سان، واٽ ويندي

– **پاڙيچو / پاڙيچي:** [صفت] پاڙي جو، پاڙيسري

'پاڙيچيءَ روئي، چاڪ منهنجا چوريا' (شاهه / حسيني)

–

'پاڙيجن پرين سان پوري پرت پري، سرهي سونهن پري' (محمد فقير کتياڻ)

– **پاڙيسِري ج پاڙيسِري:** [صفت] پاڙي جو، پاڙي وارو، پاڙي جو رهاڪو، پاڙي ۾ ويٺل، همسايه، محلي وارو، پر ۾ ويٺل، ويجهو ويٺل

– **پاڙي وارو ج پاڙي وارا:** [صفت] پاڙيسري

● **پاڙُوندو ج پاڙُوندا:** [ا - مذ] وَلِ جو پاڙَ وارو پٽو (جيڪو سخت ٿئي ۽ اڪثر ڪاٽڻ جي ڪم نه اچي)

– **پاسِيرو ج پاسِيرا:** [صفت] آڏو، پر ڀرو، ھٽيل

• **پاس:** [ا - مذ] لنگھہ، راھ جو رستو، لڪ (جيئن: خيبر پاس، بولان پاس)

✲ [انگ: Pass]

• **پاس:** [صفت] ڪامياب (امتحان ۾)، ڪامياب ٿيل (آزمائش ۾)

✲ پسند، منظور

✲ [انگ: Pass]

– **پاس ٿيڻ:** [اصطلاح] لنگھي وڃڻ (راھ تان)

✲ ڪامياب ٿيڻ (امتحان ۾)، سوڀارو ٿيڻ

✲ پسند اچڻ، منظور ٿيڻ

• **پاس ج پاسُون/ پاسِيُون:** [ا - مث] راھداري، اجازت نامو، منظوري (ڪم ڪرڻ جي)، تحريري اجازت، موڪل

✲ [ا: گ: Pass]

• **پاسُ:** [ا - مذ] گوشت، ماس، پاھ، آڏاربل يا ڳريل گوشت

'گوشت ڪاڏي وڃي پاسُ، اَنَ ڪاڏي وڃي لوجھري،
ڪير ڀيتي وڃي رَٽُ، گيھ ڪاڏي وڃي ڪوھري' (چوٽي)

• **پاساتُ:** [ظرف] ڏانھن، طرف

✲ ھندو واپارين جي اصطلاح ۾ ٻلن ۽ ھُنڊين ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ (يعني ٻل جنھن ماڻھو ڏانھن پاسات ھوندو ادائگي انھيءَ کي ڪرڻي آھي)

• **پاسارا:** [ا - مذ] دشمن تي اوچتو حملو، شب خون

✲ [بلوچي]

'پرين ڪيا پاسارا' (ن - ب)

• **پاسارو ج پاسارا:** [ظرف] پاسيرو، ھڪ طرفو

✲ پرڀرو، پري

✲ [مث: پاسارِي ج پاسارِيون]

• **پاسارِي ج پاسارِيُون:** [ا - مث] پاسري، پاسراٽي

• **پاسارِي ج پاسارِي:** [صفت] پسارڪو وکر رکندڙ، دڪاندار، پساري، پنساري

'جو شان جوش، نوشان نوش، ھوشان ھوش پساري' (محمد فقير کتياڻ)

• **پاساڙو ج پاساڙا:** [ا - مذ] جسم ۾ ڪک وارو حصو، پاسو

'جيرا جگر ٻڪيون، پاساڙا پٿي' (شاھ / يمن ڪلياڻ)

✲ پٽ جو ھڪ پاسو

✲ [س/ٺ]

'ميھا مورگر تلئين، پيون پاساڙن' (خليفو نبي بخش)

• **پاساڪِڙ:** [ا - مث] ڪوھ ۾ لھڻ واري ماڻھوءَ کي بچاءَ لاءِ ڏنل ٻي رسي (ھڪ رسيءَ تي ماڻھو ويھي ۽ ٻيءَ کي مدد طور جھلي ھيٺ لھندو وڃي)

✲ [س/ٺ]

• **پاسانگ ج پاسانگ:** [صفت] پاسيرو، پري، ڪناره ڪش، دور، ڏور، ڏوراھون

'جي ڄڃوڙ ڄڻ سين، سي پرين ٿيا پاسانگ' (شاھ / برو سنڌي)

• **پاسبانُ:** [صفت] پھريدار، سنڀاليندڙ، نگھبان، محافظ

✲ [ف]

– **پاسباني:** [ا - مث] سنڀال، نگھباني، حفاظت

• **پاس بوڪ:** [ا - مذ] بئنڪ ۾ رکايل پئسن جو ڪتاب

✲ رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ پينشن جي حساب ڪتاب لاءِ بئنڪ پاران مليل ڪتابڙو

✲ [انگ: Pass Book]

• **پاسِٽ:** [ا - مذ] ماضي، گذريل وقت

✲ [انگ: Past]

– **پاسِٽ ٽينس:** [ا - مذ] انگريزي گرامر موجب ھڪ زمان جو نالو، زمان ماضي

✲ [انگ: Past tense]

• **پاسپورٽ:** [ا - مذ] پرڏيھہ وڃڻ لاءِ سرڪاري اجازت نامو

✲ سڃاڻپ جو ۽ شھريت جو پروانو

✲ [انگ: Passport]

• **پاسُخ:** [ا - مذ] جواب

✲ [ف]

● **پالِمَ:** [ا - خاص] هڪ ذات جو نالو

❊ [س/ل]

● **پالَڻو ج پالَڻا:** [ا - مذ] ڪجائو، پالڪي، پينگهو، ڪَڏڻو

● **پالَڻُهارُ ج پالَڻهارَ:** [ا - ذات] پروردگار، الله پاڪ جي هڪ صفت

❊ [صفت] پاليندڙ، سنڀاليندڙ، روزي ڏيندڙ، پرورش ڪندڙ

'تون آن پالڻهار زماني جو مولي' (مدهوش پٽو)

● **پالوٽ ج پالوٽُون:** [ا - مث] اُٿل (پاڻيءَ جي)، ٻلٽ، طُغياني

❊ ٻَرساتِ، ٻوڏ، سيلاب

❊ جَهجهائِي، گهڻائِي، اَلَ جالَ، ڪَثرت

'ٻارجي پالوٽ سين، ٻَٽِن جهليا پاڻ' (شاهه/سارنگ)

❊ نوازش، مهرباني، ڪَرم

'پينگهي ۾ پالوٽ ڏني مون کي لعل ٻنهل لولي' (محمد فقير کٽياڻ)

● **پالوريو ج پالوريا:** [ا - مذ] چاگري ٻير جو ڪنڊو

❊ [س/ٿ]

● **پالُوڙُ ج پالوڙَ:** [صفت] پاليل، هيرايل، ڏاريل

❊ [ضد: جهنگلي]

❊ [مث: پالوڙَ ج پالوڙون]

● **پالُوندَرُ ج پالُوندَرَ:** [ا - مذ] سنهي ٽاري، پالارُ، پالرُ

❊ [س/ل/ سن: پلو = ٽاري]

● **پالهارڻ:** [مص - فعل متعدي] خالي ڪرڻ، ٺلهو ڪرڻ، واندو ڪرڻ

❊ [س/ات]

❊ [مص] پالهارڻ

❊ [امر] پالهار

❊ [پالهاريو پالهاريندو پالهاريل]

● **پالهائِي:** [ا - مث] سُڃائي، سکڻائي، ٺلهائي، ناداري، مسڪيني

❊ واندڪائي

● **پالِهو ج پالِها:** [صفت] ٺَلهو، سَکڻو، سُڃو، ڪَنل، پينگيو

'ٻلا پيرين پالهو پاند پسار جو' (شاهه/ سورٺ)

❊ واندو، آجو

❊ خلاصو، ويڪرو، وائڪو

❊ پٽاريل

❊ [س/ڪره]

❊ [مث: پالِهي ج پالِهيون]

– **پالِهو ڪرڻ:** [اصطلاح] خالي ڪرڻ، ٺلهو ڪرڻ، سڃو ڪرڻ، ڦري پينگيو ڪرڻ

● **پالو ج پالا:** [ا - مذ] تعلق، واسطو، سروڪار [اڪثر ناڪاري يا ناپسنديدگيءَ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي؛ جيئن: 'ڪنهن سان منهنجو پالو پيو آهي' (جملو)]

❊ [هند/اردو]

– **پالو پوڻ:** [اصطلاح] تعلق ٿيڻ، واسطو جُڙڻ

● **پالِي:** [ا - خاص] سنڌ ۽ هندستان جي هڪ قديم ٻولي (جنهن ۾ ٻڌ ڌرم جا ڪتبا لکيل آهن)، ٻڌ ڌرم جي دور جي ٻولي (سريلنڪا ۾ قديم دور جي تاريخ پالي زبان ۾ لکيل آهي)

❊ [ا - مث] ليڪ، سرحدَ، سيما

● **پاليسِي ج پاليسِيُون:** [ا - مث] عملي اُصول، رٿائي پهلو، لائحه عمل

❊ انتظام جو طريقو، چالِ، بندوبست

❊ ملڪي مصلحت

❊ دور انديشي

❊ مصلحت، تدبير، دانائي، دورانديشي

❊ سياسي اُصول، اصولي سياست

❊ چالاڪي

❊ ڪنهن فنڊ وغيره جي استعمال جو پروانو

❊ [انگ: Policy]

● **پامِسٽ:** [صفت] نجومي، دَست شناس، هَٿ جون لَڪِيرون ڏسِي قسمت ٻڌائڻ وارو

❊ [انگ: Palmist]

– **پامِسٽِرِي:** [ا - مث] دست شناسي، نجوميت، هٿ جون لڪيرون ڏسي اڳڪٿي ڪرڻ وارو علم

❊ [انگ: Palmistry]

● **پامالُ:** [صفت] لتاڙيل، خراب، تباهه، برباد، نابود

❊ [ف]

• **پَرِبُ/ پِرِبُ:** [ا - مذ] چنڊ جي بدلجڻ جو ڏينهن (چنڊ جي ٻهرين، انين، چوڏهين ۽ ٻارهين تاريخ)
⁂ [سن: پرو = چنڊ جي بدلجڻ جو ڏينهن]
⁂ سال جو خاص حصو، سج جو ڪنهن منزل ۾ داخل ٿيڻ جو وقت
⁂ وڏو ڏينهن، ڏهاڙو، ڏڻ، جشن يا خوشيءَ جو ڏينهن، پاڪ ڏينهن (عيد وغيره)
⁂ مناسب وقت، موقعو
⁂ گهڙي، لحظو

– **پَرِبَ ڪَرڻ/ پَرِبَ ملهائِڻ:** [اصطلاح] ڏينهن ملهائڻ، ڏڻ ملهائڻ، خوشيءَ وارو ڏينهن ملهائڻ

• **پِرِبَ:** [ا - مث] پرچڻ جي حالت، سرچاءُ، رِيجهه، راضپو، خوشي، وندر

– **پَرِيائِڻُ:** [مص - فعل متعدي] رِيجهائڻ، خوش ڪرڻ، پرچائڻ، سرچائڻ، وندرائڻ
⁂ لالچ ڏيئي چِٽ ڪرائڻ (ٻار کي)
⁂ [مص] پِريائڻ
⁂ [امر] پِرياءِ
⁂ [مضارع] پِرِيايان (ج) پِريايُون، پِريائِين (ج) پِريايو، پِريائي (ج) پِريائِين
⁂ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
⁂ [حال] پِريائي ٿو (ج) پِريائِين ٿا
⁂ [حال مث] پِريائي ٿي (ج) پِريائِين ٿيون
⁂ [ماضي] پِرِيايو (ج) پِريايا
⁂ [ماضي مث] پِريائِي (ج) پِرِيايون
⁂ [مستقبل] پِريائِيندو (ج) پِريائِيندا
⁂ [مستقبل مث] پِريائِيندي (ج) پِريائِينديون
⁂ [اسم مفعول] پِريايل

– **پِرِيائي ڇَڏِڻ:** [اصطلاح] راضي ڪري ڇڏڻ، پرچائي ڇڏڻ، لالچ ڏيئي مات ڪرائي ڇڏڻ

– **پِرِيجَڻُ:** [مصدر 'پِرِڻ' مان فعل مجهول] پرچڻ، رِيجهڻ، راضي ٿيڻ، وندرڻ
⁂ [پِريبو پِريبو پِريل]

– **پِرِڻُ/ پَرِڻُ:** [مص -فعل لازمي] سرچڻ، رِيجهڻ، راضي ٿيڻ، پرچڻ، سانت ڪرڻ، وندر (ٻار)
⁂ [پريبو پريبا، پريبي پريبون پريندو پريندا، پريندي پريندون پريل]

• **پِرِياتِ ج پِرِياتِيُون:** [ا -مث] سج اُڀرڻ کان اڳ واري مهل، وڏو صبح، صبح صادق، پرهه ڦٽي، علي الصباح، صبح ڪاذب
'ٻَڏِرِي ٿي پرياتِ، ڇميندي ڪنهن چنڊ کي' (شيخ اياز)
⁂ [س/سن: پريات < پر = گهڻو چوڌاري + يا = چمڪڻ]
⁂ [ڪنايو] انقلاب، آجپو (شاعراڻي اصطلاح ۾)

– **پِرِياتِي:** [صفت] پرياتِ وارو، پرياتِ جو، صبح وارو
⁂ [ا - خاص] شاهه سائينءَ جي رسالي جي ٽيهن سرن مان هڪ سر جو نالو
⁂ هڪ راڳڻيءَ جو نالو (جيڪا صبح جو ڳائي وڃي)

• **پِرِياتِيو:** [ا -مذ] ڏندڻ، مِسواڪ
⁂ [ا - خاص] ڏک جو ڳيچ، موڪلائيءَ يا رخصتيءَ جو گيت

• **پَرِياشا:** [ا -مث] شرحَ، تفسير
⁂ اِشارو

• **پَرِياڪر:** [ا -مذ] آفتاب، ماهتاب
⁂ باهه
⁂ سمنڊ

• **پَرِياءُ:** [ا -مذ] طاقَت، قوتَ، ٻل، سگهه
⁂ [سن: پرڀاو]
⁂ اَثر، تاثير
⁂ گڻ
⁂ شان، شوڪت
⁂ خدائي طاقت يا ذات
⁂ حوصلو، دليري، جوش
⁂ اُتساهه
⁂ فِطرت، سڀاءُ
⁂ ريت، رسم، رواج

• **جادو بَنسي:** [ا - خاص] راجپوتن جي هڪ شاخ (جيڪا چندربنسي گهراڻي مان آهي 'ڪرشن مهراج' به هن گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هو)

• **جادُون ج جادُون:** [ا - مذ] وڏا وار. ٽوپي يا پٽڪي مان ٻاهر نڪتل وار. جادا

• **جاده:** [ا - مث] سنهي واٽ. پيچرو. گس. رستو. راهه. واٽ. ڏگ

٭ طريقو. دستور. ريت

٭ [ع: جادة]

• **جاڏانهن، جاڏنهن، جاڏاهون، جاڏهن:** [ظرف] جيڏانهن. جنهن طرف. جنهن پاسي

٭ [س/ات]

• **جاڏو ج جاڏا:** [صفت - مذ] ٿلهو. متارو. پهلوان. جانٺو

٭ همت ڀريو. سگهارو. مضبوط

٭ اڙٻو. ڏنگو

٭ سخت. ڏکيو

'جاڏي هن جبل جو تانگهينديس ترو' (شاهه)

٭ وڏو

٭ [سن: جڊ]

• **جاڏي:** [ظرف] جيڏانهن. جنهن طرف. جنهن پاسي

٭ [س/ات]

– **جاڏي تاڏي:** [ظرف] جيڏانهن تيڏانهن. هرطرف. هر پاسي

– **جاڏي ڪاڏي:** [ظرف] هر هنڌ. جيڏانهن تيڏانهن. هرطرف. هر پاسي

'جاڏي ڪاڏي جبر جي ڏکي ٻڌي ڏات' (شيخ اياز)

• **جاڏيلو ج جاڏيلا:** [صفت - مذ] ٿلهو. متارو. پهلوان. جانٺو

٭ همت ڀريو. سگهارو. مضبوط. اڙٻو. ڏنگو

٭ سخت. ڏکيو

٭ وڏو

٭ [س/ل]

• **جاذِبُ:** [صفت] ڇڪي وٺندڙ. ڪشش ڪندڙ. پُرڪشش

٭ ڇهي ويندڙ. مس ڇتو

٭ ڇهندڙ

٭ [ع: جذب = ڇهڻ]

– **جاذِبه:** [ا - مث] اها قوت. جيڪا مفيد ۽ مناسب ڪاڏي کي جذب ڪري. يعني پاڻ ڏي ڇڪي وٺي. ڪشش واري قوت

• **جار:** [ا - مث] برڻي. مرتبان. ڪنولو

٭ [انگ: Jar]

• **جارَ:** [صفت] جالارو. گهڻو. زياده. جاڻ. جام . مٺو

٭ [سن: جال]

٭ [ا - مث] عورت. زال

٭ چوٽي. مٿي تي چڙيل وارن جي چڳ

• **جارُ:** [ا - مذ] ساڙ. جلن. ڪاوڙ

'جوهَر جار ڀسان، لوهر ٻي چراني تون' (استاد بخاري)

٭ ڏنجهه. درد. ڏک

'جوش ڪهايس جار لڳس ناوڪ نينهن جي' (رمضان واڍو)

٭ فڪر. خيال. اُلڪو. ڳڻتي

٭ جوش. جذبو

٭ سليقو. فضيلت. آداب

٭ [س/ات]

٭ [صفت] گهڻو. جام

– **جارائتو:** [صفت - مذ] اُلڪي وارو. ڳڻتيءَ وارو. فڪرمند

٭ همت وارو. محنتي. جفاڪش

٭ [س/ات]

٭ [مث: جارائتي ج جارائتيون]

٭ [ظرف] جار مان. جوش مان

– **جارِوندُ:** [صفت] محنتي

٭ جذباتي

٭ چست

٭ داناءُ

٭ [س/ات]

– **جانچڻ:** [مص - فعل متعدي] جاچڻ. ڏسڻ. نهارڻ. تڪڻ. نظر ڪرڻ
☼ تلاش ڪرڻ
☼ چڪاس ڪرڻ
☼ پرکڻ. امتحان وٺڻ
☼ پڙهڻ. سارڻ (پيپر وغيره)
☼ خبر رکڻ. ڳولڻ. کوجنا ڪرڻ. معلوم ڪرڻ
☼ [مص] جانچڻ
☼ [امر] جانچ
☼ [مضارع] جانچيان (ج) جانچيون. جانچين (ج) جانچيو. جانچي (ج) جانچين
☼ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]
☼ [حال] جانچي ٿو (ج) جانچين ٿا
☼ [حال مث] جانچي ٿي (ج) جانچين ٿيون
☼ [ماضي] جانچيو (ج) جانچيا
☼ [ماضي مث] جانچي (ج) جانچيون
☼ [مستقبل] جانچيندو (ج) جانچيندا
☼ [مستقبل مث] جانچيندي (ج) جانچينديون
☼ [اسم مفعول] جانچيل

• **جانڊاهه/ جانڊهه ج جانڊاهيون/ جانڊهيون:** [ا - مث] وڏو جنڊ. وڏي چڪي. جانڊهه (جنهن ۾ اناج پيسجي، عام طور اُن کي ڪلهه هلائيندا آهن. ڪٿي ڪٿي ڍڳا، اُٺ وغيره به جوٽبا آهن)
'جداڻي جانڊهه، پينهين چڙي پيار کي' (شيخ اياز)

– **جانڊاهي ج جانڊاهي:** [صفت - مذ] جانڊهه جو مالڪ
☼ جانڊهه هلائيندڙ
☼ [ا - خاص] هڪ ذات جو نالو

• **جانڊي ج جانڊي:** [صفت - مذ] جنڊ آهوڙو. جنڊ آهوڙڻ وارو
☼ [س/ڪوهه]

• **جانرو/جانڙو ج جانرا/جانڙا:** [ا - مذ] جارو
☼ [س/ل]

• **جانسيري:** [ا - مث] جوئر جو هڪ قسم

• **جانسين:** [ظرف] جيسين. جيستائين
'جانسين اٿئي دم ۾ پساهه، تانسين چرخي لاءِ چاهه' (شاهه)

– **جانسين تائين:** [ظرف] جيستائين

• **جانَشِينُ ج جانَشِينُ :** [صفت] قائم مقام. نائب سلطنت. ولي عهد
☼ گادي نشين

• **جانڦو ج جانڦا:** [ا - مذ] جانپوڙو. جهٽ. چنبو
☼ [س/ڪوهه]

• **جانڪاٽي:** [ا - مث] سنڀال يا حفاظت سان رکڻ جي حالت

• **جانگسٽو/جانگَسٽو ج جانگسٽا/جانگَسٽا:** [صفت - مذ] همت ڀريو. مردانو. دلير. طاقتور. سگهارو. جانمرد. جان جي بازي رکڻ وارو
☼ [ف: جان + ڪشت]

• **جانڪڻ:** [مص - فعل متعدي] سنڀالڻ. سنڀال ڪرڻ. تاڻڻ. خبرداريءَ سان رکڻ. هٿيڪو ڪري رکڻ
'جي ڄوڳين جانڪيس منهنجو هنيون ناهي هٽ' (گلوميانو)
☼ مضبوط ڪرڻ. ٻڌڻ
☼ [مص] جانڪڻ
☼ [امر] جانڪ
☼ [مضارع] جانڪيان (ج) جانڪيون. جانڪين (ج) جانڪيو. جانڪي (ج) جانڪين
☼ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]
☼ [حال] جانڪي ٿو (ج) جانڪين ٿا
☼ [حال مث] جانڪي ٿي (ج) جانڪين ٿيون
☼ [ماضي] جانڪيو (ج) جانڪيا
☼ [ماضي مث] جانڪي (ج) جانڪيون
☼ [مستقبل] جانڪيندو (ج) جانڪيندا
☼ [مستقبل مث] جانڪيندي (ج) جانڪينديون
☼ [اسم مفعول] جانڪيل

– **جَڳَهه ڏيڻ:** [اصطلاح] جاءِ ڏيڻ
* ويهارڻ
* نوڪري ڏيڻ
* رستو ڏيڻ. اڳيان پري ٿيڻ
* تدفين ڪرڻ. جنازو دفن ڪرڻ

– **جَڳَهه ڪرڻ:** [اصطلاح] جاءِ ڪرڻ
* هٿي هنڌ ڪرڻ
* پاٿاري ڪاهڻ
* دل ۾ گهر ڪرڻ
* پردو ڪرڻ (عورت جو)

• **جَڳِياسِي:** [ا - خاص] هندن جي هڪ ذات جو نالو. جڳسي

• **جَلَ:** [فعل ماضي] وڏو ٿيو (وڏو آهي. شان وارو آهي)
* [ع]

– **جَلَّ جَلالُهُ:** [جملو] وڏي آهي اُن جي بزرگيءَ وڏو آهي هن جو شانُ (الله پاڪ جي حمد ۾ مستعمل جملو)
'پاڻ ئي جل جلاله، پاڻ ئي جان جمال' (شاهه/ڪلياڻ)

• **جَلُ:** [ا - مذ] پاڻي. آب. جَرُ
'مرڪي مهمانن کي، جرڪي پيشارين جَلُ' (استاد بخاري)
* نير (گوڙهن جا)
* [سن: جل = پاڻي]

– **جَلُ ٿَلُ:** [ا - مذ] پاڻي ءِ خشڪي. جر ٿر

– **جَلُ ٿَلُ ڪرڻ:** [اصطلاح] بوڙ بوڙان ڪرڻ. پاڻي ئي پاڻي ڪرڻ (مينهن يا بوڏ جو)

– **جَلُ پاڻِي ڪرڻ:** [اصطلاح] نيرن ڪرڻ

– **جَلُ پَرلَئِي:** [ا - مث] بوڏ. زبردست بوڏ
* دنيا جو سوني اصلوڪي حالت ۾ بدلجڻ جي حالت. دنيا جو خاتمو. فنا. قيامت

– **جَلُ پَنڇِي:** [ا - مذ] آبي پکي. پاڻيءَ جو پکي

– **جَلُ پوڄا:** [ا - مث] پاڻي پوڄا. پاڻيءَ ۾ ڪيل عبادت

– **جَلُ مانس/ماڻهو:** [ا - مذ] هڪ قسم جو خيالي ماڻهو (جنهن لاءِ چون ٿا ته سمنڊ ۾ اندر رهندو آهي)

– **جَلُ ماڻهو هُجڻ:** [اصطلاح] عجب جهڙو ماڻهو هجڻ

– **جَلُ هَٿي:** [ا - مث] تمام وڏي بوڏ

– **جَلِئِي:** [ا - صفت - مث] پاڻيءَ واري. آبي
'جلئي جڳهت' جي سيٺي حاضر ۾ حڪما' (فقير محمد ماچي)

• **جَلُ ج جَلَ:** [ا - مذ] ساڙ. ڪام. پچ. باهه. ساڙو
'ڪارون وس وڏا ڪري، انس جوش گهڻائي جل' (رمضان واڍو)
* ڪاوڙ جو اُڌمو
* جڪُ. جولان. سوز

– **جَلتُو:** [صفت] سڙندڙ. برندڙ. جلندڙ (جوش ۾)

– **جَلقَتاڪو ج جَلقَتاڪا:** [صفت - مذ] چالاڪ. تڪڙو. ڦڙت. چست. تيز. تکو

• **جُلُ ج جُلَ:** [ا - مذ] ڏاس مان ٺهيل غاليچو. فراسي
* ڪيس وغيره (جيڪو اُٺ جي پاڪڙي تي وجهڻ يا هنڌ تي وڇائڻ لاءِ استعمال ٿئي)
* [س/ڪوهه]
* رَڇ جو هڪ قسم
* [س/ل]

• **جَلا:** [ظرف] ملڪ مان ڪڍي ڇڏڻ. لوڏي ڪڍڻ (هي لفظ 'وطن' سان گڏ استعمال ٿيندو 'جلاوطن')
* [ع: جلا = نيڪالي ڏيڻ]

– **جَلاوَطنُ:** [صفت] وطن کان ٻاهر. ملڪ مان لوڏيل. وطن کان تڙيل

– **جَلاوَطن ڪرڻ:** [اصطلاح] ملڪ نيڪالي ڏيڻ. ديس نيڪالي ڏيڻ

– **جَلاوَطنِي:** [ا - مث] ملڪ نيڪالي. ديس نيڪالي. بنواس

• **جِلا:** [ا - مث] چمڪو. روشني. ضياء
* رونق
* اوجر. صفائي
* [ع: جلا = چمڪائڻ]

– **جِلا ڏيڻ:** [اصطلاح] چمڪائڻ. اُجارڻ. صيقل ڪرڻ

• **جُلابُ ج جلابَ:** [ا - مذ] دست آڻيندڙ دوا
* دست. پيٽ. اسهال
* [انگ: Jalap]

• **جَلَڻُ ج جَلَڻَ:** [ا - مذ] ساڙ، جل، ڪامُ، ٻڇ

❊ حَسد، بغض

– **جَلَڻُ:** [مص - فعل لازمي] سڙڻ، ٻرڻ، ڪامڻ، ٻڇڻ، ڪڙهڻ

❊ ٻسمُ ٿيڻ

❊ حَسد ڪرڻ، ساڙ رکڻ، ٻوسرڻ

❊ رجهڻ (اندر ۾)، ڪڙهڻ، رشڪ ڪرڻ

❊ [پرا: جلڻ، سن: جولن، جول = ٻرڻ]

❊ [جَليو جَليا، جَلي جَليون جَلندو جَلندا، جَلندي، جَلنديون جَليل]

– **جَلِٽِي ج جَلِٽِيُون:** [ا - مث] جلڻ جي حالت، ڪام، ٻچ

• **جُلَڻُ:** [مص - فعل لازمي] ذَليل ٿيڻ، خوار خراب ٿيڻ

❊ [جُليو جُلندو جُليل]

• **جلِو:** [ا - مذ] جلڻ، ساڙو، ٻارڻ

❊ آزار، مصيبت

❊ ڏک، رَنج

❊ [س/ل]

'آنکي آريءَ جام جو جيڏيون ناه جلو' (خليفو نبي بخش)

• **جَلوانُ:** [صفت] چَريو، اڌ مغزي، يلوان، پاڳل، بيوقوف

• **جَلوَتِ:** [ا - مث] عام جاءِ، ظاهر داري، سڀني جي سامهون، ڏيکاءُ، نمايش

❊ [ضد: خِلوت]

❊ [ع: جلوة]

• **جَلوتِري:** [ا - مذ] گل جو هڪ قسم

❊ ٻارڪي وکر جو هڪ قسم

• **جِلودَ:** [ا - مذ] لغامُ، واڳ

❊ ڪوتل گهوڙو (جيڪو امير امرا اڪثر سينگاري پاڻ سان ڪندا هئا)

❊ شان، شوڪتَ، ٺٺ (سواريءَ جو)

❊ تَجمل، رونق

❊ همراهي، ساٿ

– **جلودارُ:** [ا - مذ] اهو ماڻهو جو گهوڙي جي واڳ وٺي هلي يا گهوڙي سان گڏ هلي

❊ نوڪر چاڪر، حاضر باش، اردلي

• **جُلُوسُ ج جُلُوسَ:** [ا - مذ] تخت تي ويهڻ

❊ بادشاهن يا اميرن جي سواري

❊ [ع: جلس = ويهڻ]

❊ ڪنهن خاص موقعي تي گهڻن ماڻهن جو گڏجي گشت ڪرڻ، شهر گشت، ميڙ ڪري گهمڻ، گشت ڪرڻ

❊ [مجازاً] ڦشري، رسوائي، خواري

• **جلوو/جلوه ج جلوا:** [ا - مذ] ماڻهن کي پاڻ ڏيکارڻ جي حالت، نظارو، ديدار، ڏيکاءُ، درشن

'الله نورالسماوات، جلوو زمينياس' (شاهه/ڪيڏارو)

❊ ناز و انداز سان هلڻ

❊ روشني، تجلي چمڪو، نور

❊ رونق

❊ ٺٺ، ٻيڪو

❊ مٿيا، پرتاب، شان

❊ [جلو = روشن ڪيو]

– **جَلوو ڏيکارڻ:** [اصطلاح] جهلڪ ڏيکارڻ، ديدار ڪرائڻ، درشن ٻسائڻ

– **جَلوه آرا:** [صفت] ديدار ڪرائيندڙ، هار سينگار ڪري درشن ڪرائڻ وارو

– **جَلوه آرائِي:** [ا - مث] ديدار، نظارو، درشن

❊ نمائش، ڏيکاءُ، تجلي

– **جَلوه آفروز:** [صفت] خاص سينگار ڪري ديدار ڪرائڻ وارو

– **جَلوه آفروزي:** [ا - مث] جلوه آرائي، سينگار ڪري پاڻ ٻسائڻ جي حالت، بزرگن جي زيارت، نوراني چهري جو درشن ڏيڻ

– **جَلوه دار:** [صفت] جلوي وارو، روشن، چلڪندڙ، ڏيکاءُ وارو، رونق وارو، تجلي دار

– **جَلوه گاھ:** [ا -مذ] اها جاء جتان نظارو پسجي. نظاري وارو هنڌ. ديدار يا درشن ڪرڻ واري جاءِ. زيارت ڪرائڻ واري جاءِ

– **جَلوه گر:** [صفت] خاص سينگار ڪري ديدار ڪرائڻ وارو

'هرجاءِ جلوه گر آ، حسن و جمال تنهنجو' (احقر فقير)

– **جَلوه گرِي:** [ا - مث] جلوه آرائي. سينگار ڪري پاڻ پسائڻ جي حالت. بزرگن جي زيارت. نوراني چهري جو درشن ڏيڻ

– **جَلوه نُما:** [صفت] خاص سينگار ڪري ديدار ڪرائڻ وارو

'جلوه جانانِ جان، جلوه نما، جادوگري' (قائل سرشاري)

– **جَلوه نُمائِي:** [ا - مث] جلوه آرائي. سينگار ڪري پاڻ پسائڻ جي حالت. بزرگن جي زيارت. نوراني چهري جو درشن ڏيڻ

– **جَلويدار:** [صفت] رنس. چمڪندڙ. تجليدار

• **جِلَمَ:** [ا - مث] هڪ رسم طور شاديءَ جي موقعي تي گهوٽيتن جي زالن جو ڪنواريتن جي گهر ۾ قطار ٻڌي آهستي آهستي هلڻ جي حالت

• **جُلِمَ ج جُلِمُون:** [ا - مث] ڪاھ. هَلان. حملو. اُلر

⁕ ماڻهن جو ميڙ

⁕ [س/ڪوھ]

⁕ خون جو معاوضو (سگ جي صورت ۾، جيڪا ڪوهستان جي رسم آهي). سَگ جَني

– **جُلِمَ ڪرڻ:** [اصطلاح] حملو ڪرڻ. اُلر ڪرڻ

⁕ دَٻائڻ

⁕ ٽوڪَ ڪرڻ. طنز ڪرڻ

• **جُلَہَ:** [ا - مذ] جلھ

⁕ ڪاوڙ

⁕ [س/ٿ]

– **جُلَہَ ڪرڻ:** [اصطلاح] حلھ ڪرڻ

⁕ ڪاوڙ ڪرڻ

• **جَلِي:** [صفت] ظاهر. چٽو. پڌرو. کُليل

⁕ ڏاڍيان. وڏي آواز ذڪر

⁕ [ضد: خَفِي]

⁕ وڏا چٽا اکر

⁕ [ع]

• **جِلِي:** [ا - مذ] گاھ جو هڪ قسم (پن جهل جهڙا ٿيندس)

⁕ [س/ل]

• **جَليبُ ج جَليبَ:** [ا - مذ] غلام. ٻانهو. خريد ڪيل نوڪر

• **جِليبُ:** [صفت] مِٺو. شيرين

– **جِليبِي ج جِليبيُون:** [ا - مث] مِٺائيءَ جو هڪ قسم. بيسڻ ۽ کنڊ جي چاشنِي مان ور وڪڙ تي تيار ڪيل مٺائي. گِهر

⁕ مچر مار دوا جو هڪ قسم (جنهن جي بناوٽ جليبيءَ وانگر وَروڪڙ ٿئي، اُن جي چيزي کي باھ ڏيڻ سان پوري جليبي دکندي رهندي آهي، جنهن جي دونهين تي مچر مريو پون)

• **جِليبَرُ (جليبا):** [ا - مذ] توت (هڪ ميوي جو وڻ)

⁕ ڏاس جو ٿهيل ڏِگهو ڪوٽ

⁕ [س/ڪوھ]

• **جِليبيُون:** [ا - مذ] پرت جو هڪ قسم. گول گول ٽِڪڙن وارو پرت

⁕ [س/ل]

• **جَليجِي:** [ا - خاص] هڪ ذات جو نالو

• **جَلِيسُ:** [صفت] پرسان ويهڻ وارو. گڏ ويهندڙ. ساٿي. صحبتي. گڏ گذاريندڙ

⁕ [ع: جلس = ويهڻ]

• **جَلِيلُ:** [ا - ذات] خدا تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو

'الست ارواحن کي، جڏهن جاڳايو جليل' (شاھ/سهڻي)

⁕ [صفت] وڏائيءَ وارو. وڏو. بزرگ. شان وارو. جلال وارو

⁕ [ع: جل = وڏو ٿيو- وڏو ٿيڻ]

• **جُمجُما:** [ا - مث] کوپري
◦ [ع: جمجمۃ = کوپري]
◦ [ا - خاص] قديم زماني جو هڪ بادشاهه جمجما سلطان جنهن جو قصو (اُن جي کوپريءَ حضرت عيسيٰ سان ڳالهايو)
• **جَمچ:** [ا - مث] ڳِجهه (پکي) جو هڪ قسم (جيڪا معمولي ڳجهه کان وڏي ٿئي)
• **جَمدر:** [ا - مذ] وڏو چاقو، خنجر
◦ [سن: جمدهر]
◦ [صفت] ڏيرو، هيٺو
◦ [س/ات]
◦ بلڪل پراڻو
◦ [س/ات]
• **جَمَرُ/جُمُرُ:** [ا - مذ] وڻ جو هڪ قسم
'وڏا وڻ وڻڪار جا، جت جاتو جمر جو' (شاهه)
◦ جَمر، جهڙ، ڪاراڻ
◦ [ا - خاص] قلات رياست ۾ هڪ جبل جو نالو
• **جَمره:** [ا - مث] ڪنڪري، ٺِيري
◦ [ا -خاص] حج جي ڏينهن شيطان کي ڪنڪريون هڻڻ جو رڪن
◦ [ع]
• **جَمرُودُ:** [ا - مذ] زمردُ
◦ [س/ل]
◦ پشاور لڳ هڪ قلعي جو نالو
• **جُمَڙدو ۽ جُمَڙدا:** [ا -مذ] ٻيڙيءَ جي هڪ ڪاٺيءَ جو نالو
• **جَمشيد:** [صفت] نور وارو، جلوبدار
◦ [ا - خاص] ايران جي هڪ مشهور بادشاهه جو نالو (جنهن جو ذڪر فردوسيءَ جي شاهه نامي ۾ به آيل آهي)
◦ [ف: ع: جم = پاڪ + شيد = نور]
• **جَمعُ:** [ا - مذ] جوڙ، ميل، واڌو
◦ موڙي، دولت، آمدني
◦ ميڙ، مجموعو
◦ ڪل، سب، جملي
◦ ڳاٽيتو
◦ جماعت
◦ خرچ
◦ اطمينان، تسلي
◦ 'واحد' جو 'جمع' ڳهڻا
◦ اها رقم جا وصول ٿئي
◦ وهيءَ ۾ آڳت وارو پاسو، آڳت
◦ [ع: جمع = گڏ ڪيو]
– **جَمع الجَمع:** [ا - مذ] جمع جو جمع (جيئن: 'رقم' جو جمع 'رقوم' ۽ 'رقوم' جو جمع 'رقومات' يا 'ظرف' جو جمع 'ظراف' ۽ 'ظراف' جو جمع 'ظرفين' يا 'خبر' جو جمع 'اخبار' ۽ 'اخبار' جو جمع 'اخبارات')
– **جَمعبندِي:** [ا - مث] زمين جي ڍل مان وصول ڪيل رقم جو سال جي آخر ۾ حساب. ڍل جو نقشو، واپار ۾ حساب ڪتاب جي چڪتي يا صفائي
– **جَمعبندِي ڪرڻ:** [اصطلاح] زمين جي ڍل جو سال جي آخر ۾ حساب ڪري، سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرڻ
– **جَمع خَرچ:** [ا -مذ] آمدني ۽ روانگي (پئسن جي)، جمع واصل
– **جَمع ڪرڻ:** [اصطلاح] گڏ ڪرڻ، ڪٺو ڪرڻ، ميڙڻ
◦ ليکي جي ڪتاب ۾ آڳت ڪرڻ
◦ حساب برابر ڪرڻ
– **جَمع واصِلُ:** [ا -مذ] جمع خرچ، پئسي جي ڏيتي ليتي جو حساب
– **جَمعِي:** [صفت - مذ] اهو ماڻهو جنهن جي سپرد وصولي ۽ حساب ڪتاب رکڻ جو ڪم هجي
◦ [ا - مذ] ماڻهن جو ٽولو (جيڪو ڪنهن جي وڏيرپ هيٺ هجي)
• **جُمعَۃُ المبارڪ:** [ا - خاص] هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن جو نالو، جمعي نماز وارو ڏينهن، Friday
– **جُمعۃُ الوِداع:** [ا - خاص] رمضان شريف جو آخري جمعو
◦ [ع]
– **جَمعرات/جمعي رات:** [ا - خاص] جمعي جي رات، اها رات جيڪا جمعي جي ڏينهن کان اڳ ۾ ايندي آهي (مسلمانن توڙي ٻين ڪيترن ئي مذهبن جي عقيدي موجب هن رات کي هفتي جي ٻين راتين کان وڌيڪ فضيلت حاصل آهي)
◦ هفتي جي هڪ ڏينهن جو نالو، خميس، Thursday

– **جَهنگ ڪَٿُوري:** [ا - مث] هڪ قسم جو خوشبودار جهنگلي ٻوٽو

– **جَهنگ لاهِڻ:** [اصطلاح] زير ناف وار ڪوڙڻ، ڪَڇا ڪوڙڻ

– **جَهنگ مارِڻ:** [اصطلاح] جهنگ ڪپڻ

☼ پوک لاءِ زمين صاف ڪري تيار ڪرڻ

– **جَهنگ مان ٿِي اَچڻ:** [اصطلاح] ڪاڪوس ڪري اچڻ

– **جَهنگ مُنهن ڪرڻ:** [اصطلاح] فقير ٿيڻ، بنواس ٿيڻ، گهر ٻار ڇڏي هليو وڃڻ، نامعلوم هنڌ ڏانهن وڃڻ، دنيا ترڪ ڪرڻ

☼ [مجازاً] ناراض ٿي وڃڻ، ڪاوڙجي وڃڻ

– **جَهنگ هَٽڻ:** [اصطلاح] آبادي ڪرڻ لاءِ زمين مان بيڪار ٻوٽا وڍي ڪڍڻ

☼ ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون ڪري اچڻ

• **جِهنگ:** [ا - خاص] هڪ ذات جو نالو

• **جِهنگ:** [ا - مث] مکين جي جهنگڻ جي حالت

☼ [س/ٿ]

– **جِهنگڻُ:** [مص - فعل متعدي] مکين جو ڪنهن شيءِ تي ميڙ ڪرڻ، مکين جيان ڪاڏو خراب ڪرڻ

☼ لوئڻ

☼ جهونگارڻ، چوپائي مال کي هڪالڻ لاءِ ڪي خالص آواز استعمال ڪرڻ

☼ [مص] جِهنگڻ

☼ [امر] جِهنگ

☼ [جِهنگيس جِهنگندس جِهنگيَل]

• **جُهنگارَ ج جُهنگارُون:** [ا - مث] جهونگار، تمام آهستي آواز سان ڳائڻ

☼ جهيڻو آواز، آهستي ڳالهائڻ، ڌيمو آواز

☼ [پرا: جهنڪار سن: جهنڪار]

☼ چوپائي مال کي ڪاهڻ لاءِ مخصوص آواز، جانگار، چونگار

– **جُهنگارَڻُ:** [مص - فعل لازمي] جهونگارڻ، چوپائي مال کي هڪالڻ لاءِ ڪي خالص آواز استعمال ڪرڻ

☼ [جهن = آواز ڏيڻ]

☼ [جُهنگاريو جُهنگاريا، جُهنگاري، جُهنگاريُون، جُهنگاريندو جُهنگاريندا، جَهنگاريندي، جَهنگاريندِيون، جَهنگاريل]

• **جَهنگارِ ج جَهنگارِيُون:** [ا - مث] جهنگ ۾ ڏيندڙ ٻڪري

☼ [س/ڪوهہ]

• **جَهنگَرُ ج جَهنگَرَ:** [ا - مذ] ڪتو، آڪرُ (مکڻ جو)، وِسڻ

☼ [س/ڪوهہ]

– **جَهنگَرُ جُهڳَڻُ:** [اصطلاح] اجائي مغزماري ڪرڻ، مٿو هڻڻ

☼ بي فائدي محنت ڪرڻ، بيسود ڪم ڪرڻ

• **جِهنگِراٽو:** [ا - مذ] مکين جو ميڙ، جهنگ، مکين جي ڀڻ ڀڻ

☼ [س/ل]

• **جَهنگَلُ ج جَهنگَلَ:** [ا - مذ] جهنگ، ٻيلو، اُها زمين، جنهن تي گهاٽا قدرتي وڻ هجن

– **جَهنگَلپائِي:** [ا - مذ] وحشانيت، دَرندگي، ڇڏ گذارڻ واري حالت، گدڙن بگهڙن واري ڪار

– **جَهنگَلُ شِگافِي:** [ا - مث] ٻيلي جي وَڍ، جهنگ ڪپڻ واري حالت

– **جَهنگَلَ ۾ مَنگَلُ:** [محاورو] سنج ۾ شهر، بي رونق هنڌ تي تماشو، ٻَر ۾ بازار، رڻ ۾ روشني

– **جَهنگِلِي ج جَهنگِلِي:** [صفت] جهنگ جو، جهنگ وارو

☼ دهقاني، ڳوٺاڻو

☼ وحشي، خونخوار

☼ بيوقوف، چسو

☼ بدتهذيب، ڪلڇڙو

– **جَهنگِلِي بَصَرُ:** [ا - مذ] بصر جو هڪ قسم (اڇي رنگ جو واڙياسي زمين ۾ ٿئي ۽ دوا طور ڪم اچي)

– **جَهنگِلِيپَڻُ/جَهنگِلِيپَڻو:** [ا - مذ] وحشانيت، دَرندگي، ڇڏ گذارڻ واري حالت، گدڙن بگهڙن واري ڪار

# ڄ

● ڄ: [ا - مث] سنڌي 'الف - ب' جو چوڏهون اکر

⁕ ابجد جي حساب ۾ جيم (ج) جي برابر ۽ عدد ٽي (3)

⁕ هن اکر سان ڪوبه لفظ شروع ڪونه ٿو ٿئي. البت ڪٿي ڪٿي 'ڄ' جي اُچار کي 'ج' ڪري اُچارين مثال طور: 'ماٺي نعمت' جو نالو 'ڄيامت' يا 'جامت' ڪري اُچارين

● ڄوڄڻ: [ا - مث] نرڄڻ. ونگ، ڊنگ

⁕ مينهن يا ڏڳيءَ کي ڏهڻ وقت ٽنگن ۾ ٻڌڻ واري نوڙي يا رَسي

● ڄيڻ: [مص - فعل متعدي] نيڻ. وٺي وڃڻ

⁕ [س/جت]

'لوڪ ڄيڻ ڏ پلي وڃ يعني لوڪي نين ڏ پلي وڃ' (جملو)

⁕ [مص] ڄيڻ

⁕ [امر] ڄيهن

❏

# Mufasil Sindhi Lughat

## Vol- IV

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

ISBN 978-9-6962514-1-5